# فهرست

## پاڱو پهريون

### ليليپٽ ڏي درياهي مسافري


باب پهريون — گليور ڪيئن قيد ٿيو ۱
باب ٻيو — گليور ڪيئن آشنائي پيدا ڪري ٿو ۱۸
باب ٽيون — ليليپٽ ۾ شاهي دربار ۳۶
باب چوٿون — ليليپٽ جو وڏو شهر ۽ گاديءَ جو هنڌ ۴۹
باب پنجون — ڪيئن گليور سڀ جنگي جهاز پڪڙي ٿو ۵۷
باب ڇهون — گليور ليليپٽ ڇڏي ٿو ۶۷


## پاڱو ٻيو

### برابڊنگنگ ڏي درياهي سفر


باب پهريون — ڪيئن گليور عجب جهڙن ماڻهن جي وچ ۾ وڃي پوي ٿو ۸۰
باب ٻيو — گليور جي ڪري زميندار کي بخت لڳي ٿو ۹۷
باب ٽيون — گليور بادشاهه جي دربار ۾ وڃي ٿو ۱۰۷
باب چوٿون — گليور برابڊنگنگ ڇڏي وڃي ٿو ۱۱۸
تعارف — از رشيد آخوند ۱۲۹

همت تي مون کي عجب ٿي لڳو، جي اي ڏيا منهنجي ڇٽ تي چڙهيا ۽ هليا. جڏهن منهنجو هڪڙو هٿ ڇٽل به ٿي ڏٺائون، ۽ مون جهڙي وڏي حيوان کي ڏسي ڏڪيا به نٿي!

ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن هنن ڏٺو ته آءٌ وڏيڪ ڪاڏو نٿو ڪهڙان، تڏهن هڪڙي وڏي درجي وارو ماڻهو شهنشاهه طرفان منهنجي اڳيان آيو. منهنجي ساڄي ڄنگ تي پير ڪان چڙهي، هلي منهنجي منهن وٽ آيو. پنهنجي ڏهه-ٻارهن ماڻهو هئا. اٽڪل ڏهن منٽن تائين هن مون سان ڪنهن به ڪاوڙ جي نشانيءَ کان سواءِ ڳالهايو. مگر نظر منهنجي مٿنهن ۾ ڪٿل هيس! ڳالهائيندي، هن اڪثر اڳيان ڏانهن هٿ ڪنيو ٿي- جيڏانهن پوءِ مون کي معلوم ٿيو ته سندن وڏو شهر هو، جو اتان اڌ ميل پنڌ تي هو. شهنشاهه اهو حڪم ڦهرائي ڪيو هو ته مون کي اتي وٺي هلن.

مون مختصر لفظن ۾ ورندي ڏني، پر هنن اها ڪا سمجهي. چنانچه هٿ ٻئي هٿ تي رکي، ۽ پوءِ پنهنجي مٿي ۽ ٻنت تي رکي، اشاري سان چيومانس ته "منهنجي مرضي آهي ته مون کي هن بند مان آزاد ڪريو." پانئجي ٿو ته هن منهنجو مطلب سهي ڪيو، ڇاڪاڻ جو هن ڪنڌ ڌوڻي نهڪر ڪئي، ۽ پنهنجو هٿ اهڙيءَ طرح مٿي ڪيائين جو مون سمجهيو ته چوي ٿو ته توکي اٿين ئي ٻڌل ڪٺي هلنداسين. انهيءَ

چڙهي، جيسين ڪ سندس نوڪر ڊوڙي نه آيا، ۽ اچي لغام ڪان نه ورتائون. پوءِ شهنشاهه وڃهه وٺي لهي پيو.

جڏهن هو گهوڙي تان لٿو، تڏهن مون کي چوڌاري ڦري، ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو... پر هو منهنجن زنجيرن جي ڊيگهه جيتري پنڌ کان پرڀرو پئي بيٺو. هن پنهنجن ٻورچين کي حڪم ڏنو ته مون کي کاڌو-پيتو ڏين. اهو هنن هڪڙيءَ قسم ٿيئن واريءَ ميز جهڙيءَ ڪَل تي رکي ڏڪي مون ڏي ڪيو، جتي آءٌ انهيءَ کي ٻهچي کڻي ٿي سگهيس. سٽڻي اهو کڻي مون خالي ڪري ڇڏيو. اهڙيون ويهه ڪلون هنن کاڌي سان پريون، ۽ ڏهه ٺانءَ سان. کاڌي جي هر هڪ ميز پيا ڪَل مان مون ٻه يا ٽي گرڪهه ڪيا، ۽ پاڻيءَ جا ڏهه ئي ٺانءَ هڪڙي وڏي ٺانءَ ۾ وجهي اهو هڪسائيءَ پيئي ويس.

راڻي ۽ ننڍا شاهزادا ۽ شهزاديون ٿوري پنڌ تي ڪرسين تي چڙهي ويٺا هئا، ۽ گهڻيون ئي پيون شريف زالون سندن خدمت ۾ حاضر هيون. پر جڏهن شهنشاهه جي گهوڙي جو مٿيون اتفاق ٿيو، تڏهن هو لهي شهنشاهه وٽ آيون، جنهن جو حال آءٌ بيان ڏيان ٿو.

هو پنهنجن سيني درٻارين ۽ اميرن کان منهنجي لنهن جيترو ڦد ۾ ڊگهو هو. فقط ايتري ئي ڪري،

## باب چوٿون

### ليليپٽ جو وڏو شهر ۽ بادشاهه جو محلاتُ

آزاد ٿيڻ کان پوءِ جيڪو پهريون عرض مون
ڪيو، سو اهو هو ته مون کي موڪل ملي ته آءٌ
گاديءَ جو هنڌ ۽ قلعو (ملڊينڊو) ڏسان. شهنشاهه
آساليءَ ساڻ مون کي موڪل ڏني، پر اهو خاص
تاڪيد ڪيائين ته "ماڻهن کي يا گهرن کي ڪوبه
نقصان نه پهچائجانءِ." ماڻهن کي خبر پئي ته مون
کي شهر ڏسڻ جو ارادو آهي. قلعي جي چوڏاري
جيڪا ڀت وڃي ٿي، سا اڍائي فوٽ اوچي آهي ۽ تمام
ٿورو ته يارهن انچ ويڪري آهي، جنهنڪري گاڏي
گهوڙن سميت انهيءَ جي چوڌاري سلامتيءَ ساڻ هڪالي
ٿي سگهجي. ڏهن-ڏهن فوٽن تي پاسن کان انهيءَ
ڀت تي هڪڙو ٽلهه بيٺل آهي.

آءٌ انهيءَ جي الهندي واري وڏي دروازي جي
مٿان پرانگهه پري لنگهي ويس، ۽ تمام آهستي پاسيرو
ٿي فقط صدريءَ ۽ پڻ مک کڻيءَ ساڻ لنگهي ويس.
وڏو ڪوٽ لاهي ڇڏيم. انهيءَ ڊپ کان ته متان
انهيءَ جي دامن ساڻ گهرن جي ڇتين ۽ ڇپرن کي

نہ سگهيو. هن مشيرن جي مجلس ۾ بہ اشاري سان اها ڳالهہ ڏيکاري، جو مون کي چيائين تہ ”عقل وارن مشيرن سان ڪي مسات ڪري ويٺا، جنهن سان هو منهنجي راءِ سان شامل ڏسڻ ۾ ٿا اچن.“ پر پيا، جي منهنجا دشمن هئا، سي منهنجي ٿورڙي تعريف بہ برداشت ڪري نہ سگهيا. انهيءَ وقت کان ولي شهنشاهہ ۽ منهنجي مخالف ڪيترن وزيرن جي وچ ۾ منصوبا ٿيڻ لڳا، جي ڀن مهينن جي اندر ظاهر ٿيا ۽ جن مان اهو امڪان ڏسڻ ۾ ٿي آيو تہ مون کي ماري چٽ ڪري ڇڏيندا. بادشاهن جي ڪيتري بہ ڪئي خدمت چاڪري ڪجي، پر جي هنن جي مرضيءَ جي برخلاف ڪي ڪئي ڪبو، تہ آها سڀ خدمت برباد ٿيو وڃي.

انهيءَ مهم کان اٽڪل ٽي هفتا پوءِ، بليفسڪو مان ڪي وڪيل آيا، جن صلح ڪرڻ لاءِ درخواست ڪئي. سگهو ئي صلح ڪيو ويو، جنهن جا شرط شهنشاهہ جي لاءِ تمام فائدي وارا هئا. انهن جي تفصيل ڀڌڻ مان پڙهندڙ کي تڪليف ٿيندي، تنهنڪري هتي بيان ڏيڻ اجايو آهي. مڙئي ڇهہ وڪيل هئا ۽ ساڻن اٽڪل پنج سؤ ماڻهو هئا. هو ڏاڍي تجمل سان شهر ۾ آيا، ۽ هنن کي سندن بادشاهہ جي شان وٽان ۽ ڪم جي حالت موافق مرحبا ڪئي ويئي.

جڏهن عهدنامو پورو ٿيو. تڏهن بليفسڪو جي وڪيلن مون سان اچي ملاقات ڪئي، ڇا لاءِ جو مون

ڏانٺي سان وڍجي پر اڌ ٽي پوندس. تنهنڪري وري جڏهن چرڻ جي ڪيائين، تڏهن ڏپ کان موڻ ڏاڍي رڙ ڪئي. تڏهن هن ڏيو پنهنجو قدم ڪٿي ٻاهرو ڪيو ۽ ڪجھ تائين پنهنجي هيٺان نهاري نهاري ليٽ مون کي ستل ڏٺائين.

هن ٿوري تائين خيال ڪيو، جيئن ڪو ڪنهن ڪيئين يا جيت ولندي سنڀال ڪري، ته متان رهندو ٻاڻي يا چڪ هڻي. نيٺ هن موڻ کي پٺيان چيلهه کان جهٽيءَ سان کنيو ۽ اکين کان ٽن ٻاردن تي آندائين ته منهنجي شڪل چٽائي ڏسي. موڻ هن جو مطلب سمجهيو، خوش قسمتيءَ جي ڪري موڻ کي انهيءَ مهل اهڙي همت آئي، جو موڻ ارادو ڪيو ته جيئن هو موڻ کي هوا ۾ کنيو بيٺو هو، تيئن ذرو به نه چران ته متان هن جي آڱرين مان ترڪي ڪيري پوان، جيتوڻيڪ هن جي جهٽيءَ جي زور ڪري منهنجا پاسا ٽٽي ڏکيا.

موڻ رڳو ايترو ڪيو، جو اکيون ڪٿي سج ڏي ڪيم، ۽ هٿ ٻڌي ڏاڍي ڏکاري آواز سان پنهنجي حال وٺان کو عرض ڪيم. ڇا لاءِ جو موڻ کي ڊپ هو ته اجهو ٿو موڻ کي زمين تي اڇلائي، جيئن اسين ڪنهن ڪرهت جهڙي ڪيئين کي ناس ڪرڻ جي ارادي سان ڪندا آهيون. پر منهنجا نصيب چڱا هئا، جو هن کي منهنجو آواز ۽ منهنجا اشارا وڻي ويا ۽ هو موڻ کي عجب جهڙو جيت سمجهڻ لڳو، ۽

# باب ڏهون

## گليور بادشاهہ جي دربار ۾ وڃي ٿو

ڏاڍي محنت ۽ هلاڪي ڪرڻ ڪري، ٿورن ئي هفتن ۾ منهنجي تندرستيءَ ۾ گهڻي ڦيرگهير پئجي ويئي. منهنجي ڌڻيءَ ڪي جيئن مون منجهان زياده نفعو ٿيندو ويو، تيئن وڌيڪ ڪمائڻ جو حرص ٿي پيس. آءٌ ماني ڪانه کائي سگهيس ۽ ڪنهن وقت گهري ڪنڊا ٿي ويس. جڏهن زميندار اهو حال ڏٺو ۽ ڀاپيس تہ متان هي جلد مري وڃي، تڏهن هن ارادو ڪيو تہ جيترو وڌيڪ فائدو مون منجهان ڪڍي سگهي اوترو ڪڍي وٺي. انهيءَ طرح هن پنهنجي منهن ۾ ئي خيال ڪيا ۽ پور پچايا، تہ شاهي دربار مان هڪڙو عهديدار اچي نڪتو، ۽ منهنجي ڌڻيءَ کي منهنجي ڀالي حڪم ڏنائين تہ "راڻيءَ ۽ سندس ٻين خدمتگار زالن کي تماشي ڏيکارڻ جي لاءِ هڪدم هن کي ڪٺي هل."

انهن زالن مان ڪي مون کي اڳئي ڏسي ويون هيون. ۽ تن وٽ منهنجي خوبصورتيءَ ۽ هلت چلت ۽ هوشياريءَ جي نسبت ۾ عجيب غريب ڳالهيون ڪيون هيون. راڻي ۽ سندس خدمتگاريون منهنجا ڪم ڏسي

